# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2003
# SINDH ACT NO.II OF 2003
# نذير حسين يونيورسٽي ايڪٽ، 2003
# THE NAZEER HUSSAIN UNIVERSITY ACT, 2003

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. هيئت
Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Power and functions of the University

5. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

6. سرپرست طرفان معائنو
The Patron visitation

7. چانسيلر
The Chancellor

8. وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

9. وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Vice Chancellor

10. رجسٽرار

Registrar

11. ڊائريڪٽر آف فنانس

Director of Finance

12. امتحانن جو ڪنٽرولر

Controller of Examination

13. ريزيڊنٽ آڊيٽر

The Resident Auditor

14. ڊائريڪٽر آف پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ

Director of planning and development

15. اٿارٽيز

Authorities

16. بورڊ آف گورنرس

The Board of Governors

17. بورڊ جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and Duties of the Board

18. بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

19. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

20. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

21. قانون

Statutes

22. ضابطا

Regulations

23. قانونن ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of the statutes and regulations

24. الحاق

Affiliation

25. يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

The University fund, Audit and Accounts

26. ملازمت کان رٽائرمينٽ

Retirement from Service

27. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

28. اٿارٽيز جي ميمبرن جي عهدي جي مدي جي شروعات

Commencement of term of office of members of Authorities

29. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of casual vacancies in Authorities

30. اٿارٽي جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of Authority

31. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, functions and powers of other Authorities

32. اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري

Appointment of Committee by the Authority

33. ڦهريون قانون

First Statute

34. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

35. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر نہ ٿينديون

Proceedings of Authorities not invalidated by vacancies

36. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

37. ضمانت

Indemnity

38. فيڪلٽيز

Faculties

39. بورڊ آف فيڪلٽي

The Board of Faculty

40. ڊينس

Deans

41. تدريسي شعبو

Teaching Department

42. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

43. اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ

The Board of Advance Studies and Research

44. سليڪشن بورڊ

The Selection Board

45. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The Finance and Planning Committee

46. الحاق ڪميٽي
Affiliation Committee
47. ڊسيپلين ڪميٽي ۽ ان جا ڪم
Discipline Committee its Functions

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 2003
# SINDH ACT NO.II OF 2003
# نذير حسين يونيورسٽي ايڪٽ، 2003
# THE NAZEER HUSSAIN UNIVERSITY ACT, 2003

[30 مئي 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ۾ نذير حسين يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ۾ نذير حسين يونيورسٽي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب _I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي نذير حسين يونيورسٽي ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين:

(i) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 15 مطابق يونيورسٽي جي اٿارٽيز

مان ڪا هڪ؛
(iii) ”بورڊ“ مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرس؛
(iv) ”چيئرمين“ مطلب تدريسي شعبي جو چيئرمين؛
(v) ”چانسيلر“ مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛
(vi) ”جوڙيل ادارو يا ڪاليج“ مطلب اهڙو ادارو يا ڪاليج جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو وڃي؛
(vii) ”ڊين“ مطلب استادن يج عملي واري بورڊ جو چيئرمين؛
(viii) ”ڊائريڪٽر“ مطلب تدريسي يا انتظامي ڊويزن يا اداري جو هيڊ؛
(ix) ”فيڪلٽي“ مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛
(x) ”ٽرسٽ“ مطلب ”خدمت خلق فائونڊيشن“؛
(xi) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛
(xii) ”بيان ڪيل“ مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛
(xiii) ”پروفيسر اميريٽس“ مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي طور ڪم ڪري رهيو هجي؛
(xiv) ”قانون، ضابطا ۽ قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.
(xv) ”تدريسي شعبو“ مطلب يونيورسٽي جو هڪ پڙهائي وارو شعبو؛
(xvi) ”استاد“ مطلب ڪل وقتي استاد جهڙوڪ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي استاد طور واضح ڪيا وڃن؛
(xvii) ”يونيورسٽي“ مطلب نذير حسين يونيورسٽي؛ ۽
(xviii) ”وائيس چانسيلر“ مطلب يونيورسٽي جو وائيس

چانسيلر.

(xix) ”ڪاليج“ مطلب هڪ ڪاليج ۽ جنهن ۾ شامل آهن عام، فني پروفيشن تعليم يا ٻين اعليٰ تربيت جي شعبن ۽ اهڙن ٻين مضمونن جا ادارا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب –II

## يونيورسٽي

**هيئت**
Incorporation

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي نذير حسين يونيورسٽي، سڏيو ويندو، جيڪا چانسيلر، وائيس چانسيلر، ڊينس، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جي چيئرمين ۽ بورڊ جي ميمبرن، اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ميمبرن ۽ اهڙن ٻين عملدارن تي مشتمل هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هيءَ يونيورسٽي نذير حسين يونيورسٽي جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن جي مالڪي، سار سنڀال ۽ انتظام فائونڊيشن وٽ هوندو، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪا ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) يونيورسٽي ڪا به منقولہ يا غير منقولہ ملڪيت حاصل ڪرڻ يا رکڻ، ليز ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪا منقولہ يا غير منقصولہ ملڪيت جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي ان کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي.

(4) يونيورسٽي هر ڪنهن جنس سان تعلق رکندڙ سڀني ماڻهن لاءِ کليل هوندي، پوءِ ان جو تعلق ڪهڙي به مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن لاءِ تعليمي طور

داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن بہ شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، درجي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي سهولتن کان انڪار نہ ڪيو ويندو.
(5) يونيورسٽي ڪيمپس، الحاق ٿيل ڪاليجن يا ادارن ۽ پنهنجي طرفان ادارن ۾ ضابطہ اخلاق قرآن ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جي سنت جي بينادي اصولن ۽ رهنمائي موجب هوندو.
(6) يونيورسٽي ڪراچي ڊويزن کانسواءِ صوبي سنڌ ۾ ڪيمپس/ڪيمپسز قائم ڪرڻ لاءِ ضروري اپاءَ وٺي سگهي ٿي.
بشرطيڪ حڪومت جي هدايت موجب جيئن وقت بوقت جاري ڪئي وڃي.

**يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم**
**Power and functions of the University**

4. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:
(i) سکيا جي اهڙين شاخن ۾ تدريس تربيت مهيا ڪرڻ ۽ ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اها مناسب سمجهي، جيئن اها طئي ڪري؛
(ii) پڙهائي جا ڪورس ۽ نصاب بيان ڪرڻ؛
(iii) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ، جن ماڻهن ڄاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن؛
(iv) ڄاڻايل طريقيڪار موجب منظوري ڏنل ماڻهن کي اعزازي ڊگرين يا ٻيا اعزاز ڏيڻ؛
(v) ڄاڻايل شرطن موجب تعليمي ادارن سان الحاق ڪرڻ ۽ ڌار ڪرڻ؛
(vi) فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا ۽ ٻيا سکيا جا

مرڪز قائم ڪرڻ ۽ تعليمي، فني تربيت ۽ تحقيق بابت ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ سهڪار ڪرڻ؛

(vii) الحاق ٽيل يا الحاق چاهيندڙ ڪاليجن ۽ ٻين تعليمي ادارن جي جاچ ڪرڻ؛

(viii) ٻين يونيورسٽيز ۽ پبلڪ اٿارٽيز سان اهڙي معاملي ۽ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(ix) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچرررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهو مقرر ڪرڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(x) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(xi) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز برسريز، ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(xii) يونيورسٽي جي شاگردن جي رهائش جو انتظام ڪرڻ؛ رهائش جا هالس ناهڻ ۽ سنڀالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس کي منظور ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(xiii) يونيورسٽي جي شاگردن جي ڊسيپلين تي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xiv) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xv) ٽيڪن ۾ شامل ٿيڻ، هلائڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(xvi) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي

ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛
(xvii) سکيا جي شاخن ۾ اهڙي تحقيق ڪرڻ جيئن اها ٻين سکيا ڏيندڙ تي مثبت اظر وجهي؛
(xviii) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛
(xix) تعليمي ۽ انتظامي سرگرمين لاءِ مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طئي ڪري؛
(xx) اهڙا عملدار ۽ اسٽاف مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ اسٽاف جا شرط ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون متعين ڪرڻ؛
(xxi) تعليمي معيارن جي بهتري لاءِ ٻين ادارن سان تعليمي رابطا قائم ڪرڻ ۽ سهڪاري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ؛ ۽
(xxiii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

## باب ـIII

**يونيورسٽي جا عملدار**
Officers of the University

5. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:
(i) چانسيلر؛
(ii) وائيس چانسيلر؛
(iii) ڊينس؛
(iv) ڊائريڪٽر؛
(v) تدريسي شعبي جو چيئرمين؛
(vi) رجسٽرار؛
(vii) ڊائريڪٽر آف فنانس؛
(viii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

| | |
|---|---|
| | (ix) ريزيڊنٽ آڊيٽر؛ |
| | (x) لائبريرين؛ ۽ |
| | (xi) اهڙا ٻيا ماڻهو جن جي يونيورسٽي جا عملدار ٿيڻ جو بيان ڪيو ويو هجي. |
| سرپرست طرفان معائنو The Patron visitation | 6. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو. |
| | (2)سرپرست، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشنز جي صدارت ڪندو. |
| | (3) معائنو. |
| | (a) سرپرست يونيورسٽي سان لاڳاپيل معاملن سان ڪنهن به مسئلي جي سلسلي ۾ معائنو يا جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت هدايت ڪندو ۽ ڪو ماڻهو يا شخصيتون هيٺين معاملن جي جاچ يا ڇنڊڇاڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو: |
| | (i)يونيورسٽي، ان جي عمارت، لائبريريز ۽ ٻيون سهولتون؛ |
| | (ii)ڪو ادارو، شعبو يا يونيورسٽي جي هٿ هيٺ هاسٽل؛ |
| | (iii)مالي ۽ افرادي وسيلن جي موزونيت؛ |
| | (iv)تدريس، تحقيق، نصاب، امتحان ۽ ٻيا يونيورسٽي جا معاملا؛ ۽ |
| | (v)اهڙا ٻيا ڪي معاملا جيئن سندس طرفان بيان ڪيو ويو هجي. |
| | (b)سرپرست لاڳاپيل بورڊ سان رابطو ڪندو ۽ پنهنجي معائني جي نتيجي جي حوالي سان پنهنجا خيال ونديندو ۽ لاڳاپيل بورڊ جي راءِ ڪانپوءِ، ان سلسلي ۾ هن طرفان قدم کنيو ويندو. |
| | (c) لاڳاپيل بورڊ، اهڙي وقت دوران، جيڪو سرپرست طرفان بيان ڪيو ويو هجي، ڪيس اهڙو قدم کڻڻ جو مشورو ڏئي |

سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪو ڪنيو ويو هجي يا معائني جي نتيجي بعد ڪنيو ويٺو هجي.

(d) جتي لاڳاپيل بورڊ بيان ڪيل وقت دوران سرپرست ڪي مطمئن ڪندڙ ڪو قدم نہ ڪٽي، تہ سرپرست اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيڪي اهو مناسب سمجهي ۽ لاڳاپيل بورڊ اهڙين سمورين هدايتن تي عمل ڪندو.

(e) سرپرست کي ڪو بہ قدم کڻڻ لاءِ مڪمل اختيار حاصل هوندو جيئن اهو اداري خلاف مناسب سمجهي، بشمول ان جي بند ڪرڻ جي، جيڪڏهن ڪنهن خلاف ورزي يا غير قانوني سرگرمي ۾ ملوث هجي.

**چانسيلر**
**The Chancellor**

7.(1) چانسيلر هڪ ناميارو شخص هوندو جيڪو ڄاڻ جي ميدان ۾ معاشري جي خدمتن طور ڄاتل سڃاتل هوندو ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ علمي بيهڪ رکندڙ طور پسنديده هوندو.

(2)ذيلي دفعہ (1) موجب چانسيلر ٽرسٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(3)چانسيلر سرپرست جي غير موجودگيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(4)اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ هر تجويز جي چانسيلر کان تصديق ڪرائي ويندي.

(5) چانسيلر ڪنهن شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر شپ تان هٽائي سگهي ٿو جيڪڏهن اهڙو شخص:

(i) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو. يا

(ii) ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو. يا

(iii) جنهن کي پاڪستان جي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي.

(6) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته، اهو اهڙي اٿارٽي کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو نه اهڙين ڪارروائين کي ختم ڪيو وڃي، لکت ۾ حڪم ذريعي اهڙي ڪارروائي کي ختم ڪري سگهي ٿو.

(7) چانسيلر جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، وائيس چانسيلر، چانسيلر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميواريون ۽ ڪم سرانجام ڏيندو.

(8) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ لاءِ معائنو ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهي.

(9) چانسيلر، ذيلي دفعه (6) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي بورڊ ذريعي عمل ڪندو.

**وائيس چانسيلر**
**Vice Chancellor**

8.(1) وائيس چانسيلر، چانسيلر طرفان ٽن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، جيڪو چانسيلر جي خوشي سان وڌيڪ وڌي سگهي ٿو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن چانسيلر طئي ڪري.

(2) ڪنهن به وقت جڏهن وائيس چانسيلر جو عهدو خالي

هوندو يا وائيس چانسيلر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسيلر وائيس چانسيلر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.

وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Vice Chancellor

9.(1) وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي هدايتن تي جوڳي نموني عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي پاليسيز ۽ پروگرامن تي عملدرآمد ڪرڻ جو ذميدار هوندو.

(2) وائيس چانسيلر، چانسيلر جي غير حاضري ۾، اهڙين اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو، جن جو چانسيلر چيئرمين آهي.

(3) وائيس چانسيلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن ڪانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(4)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا تہ:

(i) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ هجي؛

(ii) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي

منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيه مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛

(iii) غير متوقع ڪم لاءِ رقم هڪ مد مان ڪڍي ٻئي ۾ رکڻ جيڪا پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(iv) لاڳاپيل اختيارين کان نالن جا پينلس ملڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v) پيپرس، گريڊس ۽ نتيجن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(vi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

(vii) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛

(viii) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي پنهنجي اختيارن منجهان ڪي هن ايڪٽ تحت منتقل ڪرڻ، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن؛

(ix) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

رجسٽرار
Registrar

10. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن بورڊ طئي ڪري.

(2) رجسٽرار هي ڪم ڪندو:

(i)يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو.

(ii)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**ڊائريڪٽر آف فنانس**
**Director of Finance**

11. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن بورڊ طئي ڪري.

(2)ڊائريڪٽر آف فنانس هي ڪم ڪندو:

(i) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري سنڀاليندو.

(ii) يونيورسٽي جي ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي ماليات ڪميٽي ۽ بورڊ جي سامهون پيش ڪندو.

(iii) اها پڪ ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا اهن؛ ۽

(3) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**امتحانن جو ڪنٽرولر**
**Controller of Examination**

12. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**ريزيڊنٽ آڊيٽر**
**The Resident Auditor**

13. ريزيڊنٽ آفيسر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي فنڊ مان سمورين ادائگين جي پري آڊٽ جو ذميدار هوندو.

| | |
|---|---|
| 14. ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جو ذميدار هوندو ۽ وسيلن، سهولتون ۽ بهبودي لاءِ ننڍي ۽ ڊگهي مدي جا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ جو به ذميدار هوندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | ڊائريڪٽر آف پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ Director of planning and development |

## باب – IV

## يونيورسٽي جون اٿارٽيز

| | |
|---|---|
| 15. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:<br>(i) بورڊ آف گورنرس؛<br>(ii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛<br>(iii) فيڪلٽيز جا بورڊس؛<br>(iv) بورڊ آف اسٽڊيز؛<br>(v) سليڪشن بورڊ؛<br>(vi) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛<br>(vii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛<br>(ix) ڊسيپلين ڪميٽي؛ ۽<br>(x) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز، جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي. | اٿارٽيز Authorities |
| 16.(1) بورڊ آف گورنرس هيٺين تي مشتمل هوندو:<br>(i) چانسيلر، جيڪو ان جو چيئرمين هوندو؛<br>(ii) وائيس چانسيلر؛<br>(iii) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛<br>(iv) صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٻه ميمبر صوبائي اسيمبلي | بورڊ آف گورنرس The Board of Governors |

سنڌ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(v) وائيس چانسيلر يا سندس طرفان ڪراچي يونيورسٽي ۽ اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي جا نامزد ڪيل؛

(vi) چيئرمين، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛

(vii) چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر سان مشاورت بعد ٻه ڊينس مقرر ڪيا ويندا؛

(viii) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل؛

(ix) صدر، چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز ڪراچي؛

(x) فائونڊيشن طرفان چار بهترين ميرٽ رکندڙ ماڻهو مقرر ڪيا ويندا؛

(xi) مختلف نظم و ضبط ۽ شعبن سان تعلق رکندڙ ٽئن ناليوارن ماڻهن کي چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو؛

(xii) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ذميواريون نڀائيندو.

(2) غير سرڪاري ميمبرن کانسواءِ بورڊ جا ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکي سگهندا. ۽ ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندا.

| | |
|---|---|
| 17.(1) بورڊ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندو ۽ ايڪٽ جي گنجائشن موجب، يونيورسٽي جي ملڪيتن جي انتظام سميت سمورن معاملن جي عام نظرداري ڪندو. | بورڊ جا اختيار ۽ ذميواريون<br>Powers and Duties of the |
| (2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت ۽ | |

Board

هن ايڪٽ ۾ قانونن جي گنجائشن سان تضاد ڪانسواءِ بورڊ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(i) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(ii) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽيز جي مشوري تي فنانس، اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي سيڙپ کي سنڀالڻ ۽ هلائڻ ۽ ان مقصد لاءِ اهڙا ايجنٽس مقرر ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(iii) سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ فائونڊيشن کي مشورو ڏيڻ، ۽ خرچ جي ميجر هيڊ مان بئي ڌانهن فنڊس کي ٻيهر ونڊڻ ورڇڻ؛

(iv) يونيورسٽي طرفان منقول ۽ غير منقول ملڪيت جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي کي قبول ڪرڻ؛

(v) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(vi) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جا ڪتاب تيار ڪرڻ؛

(vii) ڪا ملڪيت حاصل ڪرڻ يا ملڪيت جي منتقلي جو انتظام ڪرڻ ۽ يونيورسٽي کي مليل گرانٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين حصن جو انتظام ڪرڻ؛

(viii) جاٽايل مقصدن لاءِ يونيورسٽي جي نيڪال وقت رکيل ڪن فنڊس جو انتظام ڪرڻ؛

(ix) طريقو طئي ڪرڻ، تحويل ۾ ڏيڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر کي استعمال ۾ آڻڻ؛

(x) يونيورسٽي جا ڪم جاري رکڻ لاءِ عمارتون، لائبريريز، احاطا، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ ٻيون گهربل شيون فراهم ڪرڻ؛

(xi) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛

(xii) تعليمي ادارن ۽ ڪاليجن جو الحاق ڪرڻ يا ڏار ڪرڻ؛

(xiii) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون ٽيچنگ جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ؛

(xiv) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيقي يا ٻين عهدن کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(xv) استادن، عملدارن ۽ اهڙن ٻين ڪيڊرن تي سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي مقرريون ڪرڻ، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو ويو هجي؛

(xvi) ناميارا ۽ منفرد پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(xvii) بيان ڪيل شرطن موجب لاڳاپيل شعبن جي ميدان ۾ اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(xviii) عملدارن، استادن ۽ يونيورسٽي جي ٻين ملازمن جون ذميداريون متعين ڪرڻ؛

(xix) عملدارن (سواءِ وائيس چانسيلر جي)، استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڇاٽايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا

ڏيڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(xx) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(xxi) چانسيلر کي پيش ڪرائڻ لاءِ اسٽيچوٽس تجويز ڪرڻ؛

(xxii) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطن تي غور ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ، بشرطيڪ بورڊ پنهنجي طور تي هڪ ضابطو جوڙي سگهي ٿو ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل سان مشوري کانپوءِ ان کي منظور ڪري سگهي ٿو.

(xxiii) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ خاص طور تي جيڪي هن ايڪٽ ۽ اسٽيچوٽس ۾ بيان نه ڪيا ويا هجن؛

(xxiv) پنهنجا ڪي به اختيار اٿارٽي يا آفيسر يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي سونپڻ؛ ۽

(xxv) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن يا جيڪي اسٽيچوٽس تحت سونپيا وڃن.

**بورڊ جي گڏجاڻي**
Meeting of the Board

18.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ به ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون وينديون، بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت چانسيلر جي هدايت تي ڪوٺائي سگهجي ٿي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي چئن کان گهٽ نه هجن، ضروري نوعيت جو معاملو سمجهي.

(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ نوٽيس ڏهن ڏينهن کان گهٽ نه

هوندو، نوٽيس بورڊ جي ميمبرن کي ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا محدود ڪئي ويندي فقط ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن ته بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو، جيڪو استعمال ڪندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

19. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) ڊينس؛

(iii) ڊائريڪٽرس؛

(iv) اميريٽس ۽ ناميارا پروفيسرس يونيورسٽي جي پروفيسرس سميت؛

(v) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(vi) پنج ناليوارا ماڻهو جيڪي عالمي سطح تي پنهنجي معاشري جي خدمت يا شعبي جي اڳواڻيءَ ۾ انٽيليڪچوئل ڪليبر سبب ڄاتل سڃاتل هوندا، اهي چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛

(vii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(viii) لائبريرين؛ ۽

(ix) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سال جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندا.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ ٽهائي تي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون**
**Powers and duties of the Academic Council**

20.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، جي تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(i) بورڊ کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(ii) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(iii) بورڊ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(iv) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ آڇون جوڙڻ؛

(v) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب به هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نه ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي

جيڪي اڳوات امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن.

(vi) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(vii) بورڊ کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(viii) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛ ۽

(ix) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

## باب ـ V

## اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا

قانون Statutes

21. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، چانسيلر، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي/نافذ ڪري سگهي ٿو يعني:

(i) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فائدن لاءِ؛

(ii) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرط ۽ ضابطا؛

(iii) فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(iv) ادارن جي الحاق ڪرڻ ۽ ڌار ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(v) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(vi) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين پبلڪ يا پرائيويٽ آرگنائيزيشنز سان تدريس، تحقيق ۽ ٻين عالماڻين

سرگرمين جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(vii) پروفيسرز اميريٽس ۽ نامور پروفيسرز جي مقرري جون شرطون؛

(viii) اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(ix) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت جي ڪاٽي ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي لاءِ معيار؛

(x) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(xi) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو، جيڪو بورڊ کي ٻيهر غور لاءِ واپس اماڻي سگهي ٿو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي قبول ڪرڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو بہ قانون موثر نہ هوندو، جيستائين چانسيلر طرفان منظور نہ ڪيو وڃي.

ضابطا Regulations

22. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(i) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز؛

(ii) يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(iii) شرطون جن تحت شاگردن کي داخلا ڏني ويندي ۽ ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل هوندا؛

(iv) امتحان منعقد ڪرڻ؛
(v) يونيورسٽي جي ڪورسز آف اسٽڊي ۽ امتحانن لاءِ شاگردن طرفان ادا ڪيندڙ فيس ۽ ٻيون لاڳتون؛
(vi) يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط؛
(vii) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش لاءِ فيس اوڳاڙڻ جي؛
(viii) هاسٽلس ۽ لاجنگس جي منظوري ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛
(ix) شرط جن تحت ڪنهن شخص کي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد تحقيق جاري رکڻ ڏني ويندي؛
(x) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، ميڊلز ۽ انعام ڏيڻ؛
(xi) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري اسسٽنٽ شپس ڏيڻ؛
(xii) اڪيڊمڪ ڪاسٽيومس؛
(xiii) لائبريري جو استعمال؛
(xiv) تدريسي شعبن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛
(xv) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.
(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان ضابطا جوڙيا ويندا ۽ اهي بورڊ کي پيش ڪيا ويندا جيڪو انهن کي منظور ڪندو يا منظوري ڪانسواءِ يا انهن کي واپس اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اماڻيندو.
(3) ڪو بہ ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نہ ڏني وجي.

**قانونن ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي**
**Amendment and repeal of the statutes and regulations**

23. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ناهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

(1) اختياريون ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، اسٽيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون:

(i)بشرطيڪ بورڊ ٻي ڪنهن اختياري يا باڊي طرفان هن دفعہ تحت جوڙيل ڪن بہ قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

(ii)بشرطيڪ وڌيڪ تہ جيڪڏهن اهڙي اختياري يا باڊي اهڙين هدايتن سان مطمئن نہ آهي تہ اها فائونڊيشن کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

## باب ـ VI

## تعليمي ادارن جو يونيورسٽي سان الحاق

**الحاق**
**Affiliation**

24. (1) يونيورسٽي ۾ الحاق چاهيندڙ تعليمي ادارو مطمئن ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي کي درخواست ڏيندو تہ:

(i) تعليمي ادارو حڪومت جي انتظام هيٺ آهي يا ان لاءِ مستقل بنيادن تي جوڙيل گورننگ باڊي آهي:

(ii) تعليمي اداري جا مالي وسيلا اداري جي مرمت ۽ جوڳي نموني ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪافي آهن:

(iii) تعليمي اداري جي پڙهائيندڙ ۽ ٻئي اسٽاف جي سگهہ،

تعليمي قابليت ۽ ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا بيان ڪيل ڪورسز آف اسٽڊيز ۽ تعليمي اداري جي تربيت جي مقصد لاءِ مطمئن ڪندڙ آهن؛

(iv) تعليمي اداري ڪي پنهنجي ملازمن جي ڪم ڪار ۽ نظم و ضبط ڪي سنڀالڻ لاءِ جوڳا قاعدا آهن؛

(v) عمارت جنهن جڳهه تي تعليمي ادارو قائم ٿيڻو آهي، اها موزون آهي ۽ گنجائشون قانونن ۽ قاعدن موجب جوڙيون وينديون؛ ۽

(vi) لائبريري، ليبارٽريز ۽ اهڙيون ٻيون پڙهائي ۽ تحقيق جون خدمتون جهجهي انداز ۾ فراهم ڪيل آهن، جيڪي اداري ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي معيارن لاءِ ضروري آهن.

(2) هڪ تعليمي اداري جي الحاق ڪرڻ بابت درخواست جي نيڪال جو طريقيڪار يا انڪار يا الحاق ختم ڪرڻ جو طريقو اهڙيءَ ريت هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) بورڊ جاچ پڙتال ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل سان مشوري ڪانپوءِ الحاق ختم ڪرڻ جو نوٽيس ڏيندو، جيڪڏهن اهو مطمئن آهي ته تعليمي ادارو ڪنهن موقعي تي الحاق جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي يا الحاق جي شرطن مان ڪنهن هڪ تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي.

(4) الحاق ڪان تيستائين انڪار نه ڪيو ويندو يا ختم نه ڪيو ويندو جيستائين تعليمي اداري ڪي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.

## باب _VII

## يونيورسٽي فنڊ

يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽

25.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي

| | |
|---|---|
| فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي. | اڪائونٽس The University fund, Audit and Accounts |
| (2) بنيادي ۽ اڪثر ڪري يونيورسٽي جو خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، يونيورسٽيز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي خرچ هلايو ويندو. | |
| (3) ڪا به مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ يونيورسٽي تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا وقتي طور پروگرامن کان ٻاهر سرگرمين ۾ شامل هجي اهڙي رقم بورڊ جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ قبول نه ڪئي ويندي. | |
| (4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙي طريقي سنڀاليا ويندا جيئن بورڊ طئي ڪري ۽ هر سال يونيورسٽي جو مالي سال ختم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ انهن جي آڊٽ بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان ڪئي ويندي. | |
| (5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا. | |
| (6) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي ته آڊيٽر آڊٽ جي معيارن ۽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جي اداري جي تصديق موجب جوڙي آهي. | |

## باب -VII

## عام گنجائشون

| | |
|---|---|
| 26. يونيورسٽي جو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر ڪندو: | ملازمت کان رٽائرمينٽ |
| (i) پينشن يا ٻين رٽائرمينٽ جي فاعدن لاءِ اهل هوندو جيئن | |

Retirement from Service

مجاز اختياري هدايت ڪري؛
بشرطيڪ ڪنهن بہ ملازم کي تيستائين رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙي قدم کڻڻ جي حقيقتن کان آگاهہ نہ ڪيو وڃي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي؛ يا
(ii) جتي مٿي ڄاڻايل شق (i) موجب ڪا هدايت نہ ڪئي وئي آهي، تہ سٺ سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي رٽائر ڪندو.
(2) سواءِ ان جي تہ ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نہ ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.
(3) جتي يونيورسٽي جي ڪنهن ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو اهي (سواءِ وائيس چانسيلر جي) يا ان جي ملازمت جي ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف بورڊ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. جتي حڪم بورڊ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي ان اختياري کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.
(4)نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست وائيس چانسيلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ بورڊ جي سامهون رکندو.

(5) اپيل ۾ نظرثاني تي ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**پينشن انشورنس، گريچوئٽي، پرووڊنٽ فنڊ ۾ بينيوولينٽ فنڊ**
**Pension insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund**

27. (1) يونيورسٽي ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۾ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووڊنٽ فنڊ ۾ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پرووڊنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون.

**اٿارٽيز جي ميمبرن جي عهدي جي مدي جي شروعات**
**Commencement of term of office of members of Authorities**

28. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي**
**Filling of casual vacancies in Authorities**

29. (1) ڪنهن اٿارٽي جي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي؛
ان شخص يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي ڀريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي

جو ميمبر ٿيو آهي.

(2)بشرطيڪ جتي اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، سواءِ بورڊ جي، اها ان سبب جي ڪري پري نہ ويندي تہ ميمبر ايڪس آفيشو هيو ۽ آسامي ختم ڪئي وئي هجي، يا تنظيم، ادارو يا ڪا ٻي باڊي، سواءِ يونيورسٽي جي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم ڪان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت پري ويندي جيئن چانسيلر بورڊ جي سفارش تي هدايت ڪري.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن هو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٿارٽي جي لڳاتار ٽي گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ٻڌائڻ يا غير حاضري جي موڪل ڪانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديلي ڪئي وئي آهي.

اٿارٽي جي ميمبرشپ بابت تڪرار
Disputes about membership of Authority

30. (1) جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نہ رهندو، جيڪڏهن هن پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال ڪيو هجي، جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو تہ معاملو چانسيلير، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل ماڻهو تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

ٻين اٿارٽيز جي

31. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار جن لاءِ

| | |
|---|---|
| خاص گنجائش ناهي يا هن ايڪٽ تحت اٽپوري گنجائش آهي، اها ايئن هوندي جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي. | جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار Constitution, functions and powers of other Authorities |
| 32. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل، ڪائونسل يا ٻيون اٿارٽيز اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيز مقرر ڪري سگهن ٿا، جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهن. | اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري Appointment of Committee by the Authority |
| 33. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، شيڊول ۾ جوڙيل اسٽيچوٽس ايئن سمجهيا ويندا جيئن دفعه 21 تحت اسٽيچوٽس جوڙيا ويا آهن ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نه ڪئي وڃي يا انهن کي هن ايڪٽ تحت جوڙيل نون اسٽيچوٽس سان تبديل نه ڪيو وڃي. | رنڊڪون هٽائڻ Removal of difficulties |
| 34. جيڪڏهن ڪنهن اٿارٽي جي پهرين جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ جي هن ايڪٽ تحت لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش جي عمل درآمد ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چانسيلر اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو. | اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر نه ٿينديون Proceedings of Authorities not invalidated by vacancies |
| 35. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير | |

موثر نہ هوندو.

36. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

37. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

ضمانت
Indemnity

## پهريان قانون
## (ڏسو دفعہ 34)

فيڪلٽيز
Faculties

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

1. ڪمپيوٽر سائنس جي فيڪلٽي؛
2. انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛
3. انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛

3.1 ڪمپيوٽر انجنيئرنگ
3.2 اليڪٽريڪل انجنيئرنگ
3.3 مڪينيڪل انجنيئرنگ
3.4 سول انجنيئرنگ
3.5 انڊسٽريل انجنيئرنگ
3.6 ميٽلرجيڪل انجنيئرنگ
3.7 اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ
3.8 پيٽروليم انجنيئرنگ
3.9 منرل انجنيئرنگ

3.10 ٽيليڪام انجنيئرنگ

4. ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي

4.1 ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي

4.2 اليڪٽريڪل ٽيڪنالاجي

4.3 مڪينيڪل ٽيڪنالاجي

4.4 سول ٽيڪنالاجي

4.5 انڊسٽريل ٽيڪنالاجي

4.6 ميٽلرجيڪل ٽيڪنالاجي

4.7 اليڪٽرانڪ ٽيڪنالاجي

4.8 پيٽروليم ٽيڪنالاجي

4.9 منرل ٽيڪنالاجي

4.10 ٽيليڪام ٽيڪنالاجي

4.11 پلاسٽڪ ٽيڪنالاجي

4.12 ٽيڪسٽائيل ٽيڪنالاجي

5. بزنس ايڊمنسٽريشن جي فيڪلٽي

6. ڪامرس جي فيڪلٽي

7. ٽيڪسٽائيل سائنسز جي فيڪلٽي

8. فائين آرٽس جي فيڪلٽي

9. آرڪيٽيڪچرل سائنسز جي فيڪلٽي

10. قانون جي فيڪلٽي

11. هاسپيٽل سائنسز جي فيڪلٽي

12. هوٽل ۽ ٽوئرزم سائنسز جي فيڪلٽي

13. فوڊ سائنسز جي فيڪلٽي

14. بايوميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي

15. انوائرمينٽل سائنسز جي فيڪلٽي

16. پبلڪ ايڊمنسٽريشن جي فيڪلٽي
17. لائبريري سائنسز جي فيڪلٽي
18. اپلائيڊ سائنسز جي فيڪلٽي
19. ايگريڪلچرل سائنسز جي فيڪلٽي
20. لينگويج اينڊ ڪلچر جي فيڪلٽي
21. دوائن جي فيڪلٽي
22. اسلامڪ اسٽڊيز جي فيڪلٽي
23. هيومنٽيز اينڊ سوشل سائنسز جي فيڪلٽي
24. فارميسي جي فيڪلٽي
25. هر فيڪلٽي ۾ اهڙو ادارو، تدريسي شعبو، مرڪز يا ٻيا تدريسي ۽ تحقيقي يونٽس شامل هوندا، جيئن اداري بيان ڪيا هجن.

بورڊ آف فيڪلٽي
The Board of Faculty

2. (1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(i) ڊين؛
(ii) پروفيسرس، ڊائريڪٽرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل تدريسي شعبن جا چيئرمين؛ ۽
(iii) ٽي استاد وائيس چانسيلر طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي حوالي نہ ڪيا ويندا.
(2) ذيلي شق (iii) ۾ ڄاڻايل ميمبرس ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.
(3) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(4) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار حاصل هوندا:

(i) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت مربوط ڪرڻ؛

(ii)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل ڪورسز ۽ نصاب جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي مشاهدي سان گڏ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛

(iii) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ۽ ڊگري ممتحن جي، جن جي جاچ پڙتال وائيس چانسيلر ڪندو؛

(iv) فيڪلٽي سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي تعليمي معاملي تي غور ڪرڻ ۽ انهن بابت اڪيڊمڪ ڪائونسل کي رپورٽ ڪرڻ؛ ۽

(v) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

ڊينس
Deans

3.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

(2) هر فيڪلٽي جو ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي فيڪلٽي ۾ سڀ کان سينئر ٽن پروفيسرن منجهان ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيو ويندو ۽ ٻئي مدي لاءِ اهل هوندو.

(3) ڊين فيڪلٽي ۾ اينڊڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار چانسيلر کي پيش ڪندو.

(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**تدريسي شعبو**
**Teaching Department**

4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.

(2) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين بورڊ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي ٽن سڀ کان سينئر پروفيسرن منجهان مقرر ڪيو ويندو ۽ ڊپارٽمينٽ جا ٽي سڀ کان وڏيڪ سينئر ايسوسيئيٽ پروفيسر ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيا ويندا.

(3) شعبي جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو.

**بورڊ آف اسٽڊيز**
**Board of Studies**

5. (1) هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ڌار بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(i) ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين جيڪو ان جي چيئرمين ۽ ڪنوينر طور ڪم ڪندو؛

(ii) ڊپارٽمينٽ يا اداري ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(iii) ٽي استاد، سواءِ يونيورسٽي جي استادن جي، فيڪلٽي بورڊ طرفان مقرر ڪيا ويندا. هر بورڊ جي گهرجن موجب فيڪلٽي بورڊ طرفان انگ طئي ڪيو ويندو؛ ۽

(iv) ٽي ماهر وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.
(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.
(5) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:
(i) اٿارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن بابت صلاح ڏيڻ.
(ii) مضمون يا لاڳاپيل مضمون ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ.
(iii) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽
(iv) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ**
**The Board of Advance Studies and Research**

6. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو.
(ii) ڊينس.
(iii) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينس جي، بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا.
(iv) اهڙي شعبي ۾ ناليوارا ٽي عالم جنهن جي نمائندگي اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جي بورڊ ۾ نه هجي، اهي وائيس چانسيلر طرفان اڪيڊمڪ ڪائونسل جي سفارش تي مقرر ڪيا ويندا.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.
(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.
(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(i) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛
(ii) يونيورسٽي ۾ تحقيقي ڊگريون ڏيڻ تي غور ڪرڻ ۽ اٿارٽيز کي رپورٽ ڏيڻ؛
(iii) ريسرچ اسٽڊيز لاءِ سپر وائيزر مقرر ڪرڻ؛
(iv) تحقيقي ڊگري ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛
(v) تحقيقي ڊگرين لاءِ ممتحن جا نالا تجويز ڪرڻ.

سليڪشن بورڊ
The Selection Board

7. (1) هڪ سليڪشن بورڊ هوندو. جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:
(i) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛
(ii) بورڊ طرفان هڪ بورڊ جو ميمبر ۽ ٻہ ناليوارا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛ بشرطيڪ انهن مان ڪو بہ يونيورسٽي جو ملازم نہ هوندو؛
(iii) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛
(iv) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين؛ ۽
(v) ٽرسٽ طرفان نامزد ڪيل هڪ شخص.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ سليڪشن بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.
(3) سليڪشن بورڊ جو ڪورم پنج ميمبر هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو بہ ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نہ وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ بہ ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست تي وقت بہ وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

(6) سليڪشن بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين تدريسي ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو.

(ii) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪندي بورڊ کي اعليٰ بنيادي پگهار ڏيڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(iii) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافتہ شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(iv) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو.

(v) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نہ ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانھن اماڻيو ويندو، جنھن جو فيصلو حتمي ھوندو.

مالیات ۽ منصوبابندي ڪميٽي
The Finance and Planning Committee

8. (1) ھڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي ھوندي، جيڪا ھيٺين تي مشتمل ھوندي:

(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين ھوندو؛

(ii) ٽرسٽ جا ٻہ نامزد ڪيل؛

(iii) بورڊ جو ھڪ نامزد ڪيل؛

(iv) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ ماهر تي جڻا چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽

(v) ھڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو.

(vi) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري ھوندو.

(2) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرس ھوندو.

(3) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم ھيٺين ريت ھوندا:

(i) سالياني اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛

(ii) يونيورسٽي جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛

(iii) بورڊ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛

(iv) ٿوري مدي ۽ ڊگھي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار

ڪرڻ؛
(v) اسٽاف ۾ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ؛
(vi) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

الحاق ڪميٽي
Affiliation Committee

9. (1) هڪ افيليئيشن ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:
(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛
(ii) بورڊ جو هڪ ميمبر جيڪو بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛
(iii) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو؛
(3) افيليئيشن ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هوندا.
(4) افيليئيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.
(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

ڊسيپلين ڪميٽي ۽ ان جا ڪم
Discipline Committee its Functions

10. ڊسيپلين ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:
(i) وائيس چانسيلر يا ان جو نامزد ڪيل؛
(ii) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(iii) هڪ ميمبر فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيو ويندو، ۽
(iv) شاگردن جي معاملن جو هڪ استاد يا آفيسر انچارج

کھڙي ٻہ نالي سان هجي جيڪو ميمبر سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڊسيپلين ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو.

(3) ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(4) ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) اڪيڊمڪ ڪائونسل کي يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت، نظم و ضبط ۽ بداخلاقي جي ڪيسن سان منهن ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ ۽

(ii) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي قانونن ۽ ضابطن موجب سونپيا وڃن.

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**